
قرآني بيان

# مقامِ ابراهيم جا فضائل

(سيپارو:۱، سوره بقرة: 125)





مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

22 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي 4ذو الحج شريف، تاريخ:1447هه)
جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 22 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي 4 ذوالحج شريف، تاريخ: 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# مقامِ ابراهيم جا فضائل (سيپارو:1، سوره بقرة: 125)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- … حج جو سفر ۽ اسلام جو مزاج
- … اُٺَ طواف ڪيو (واقعو)
- … مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟
- … مقامِ ابراهيم شفا ڏيندڙ آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

حُجُّوا الْفَرَائِضَ فَاِنَّهَا اَعْظَمُ اَجْرًا مِنْ عِشْرِيْنَ غَزْوَةً

فِيْ سَبِيْلِ اللهِ عَزَّوَجَلَّ فَاِنَّ الصَّلَاةَ عَلَيَّ تَعْدِلُ ذَا كُلَّهٗ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: فرض حج ادا ڪريو، بيشڪ ان جو اجر 20 غزوات ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهڻ ان جي برابر آهي.[(1)]

بِالیقیں سب سے اَفضل و اَعلیٰ | ذِکرِ شاہِ اُمَم درود و سلام
طاعتیں سب اِسی سے ہیں مقبُول | طاعتوں میں اَتم درود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]…مسند الفردوس، باب الحاء، جلد:2، صفحه:130، حديث:2662۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

(سيپارو: 1، البقرة: 125)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزالعرفان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان هن گهر کي ماڻهن جي اچڻ جو مرڪز ۽ امان بڻايو ۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهه کي نماز جي جاءِ بڻايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مون کي هر سال حج جو شرف خدا ڏي!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! حج جا ڏينهن هلي رهيا آهن، خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن کي هن سال حج جو سڏ نصيب ٿيو آهي. الله پاڪ انهن خوش بختن ۾ اسان جو بہ نالو شامل فرمائي. ڪاش! اسان کي بہ ايندڙ سال حج ڪرڻ، طواف ۽ سعي، وقوفِ عرفات ۽ مزدلفہ جي سعادت ملي. ڪاش! هر سال مڪي ۽ مديني پاڪ جي باادب حاضري نصيب ٿيندي رهي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شرف مجھ کو ہر سال حج کا خدا دے | مدینہ بھی ہر بار مولیٰ دِکھا دے
شرف دیدِ کعبہ کا دیدے الٰہی! | مجھے سبز گنبد کا جلوہ دِکھا دے

عبادت میں لگ جائے دِل یاالٰہی! | مرے دِل سے غفلت کا پردہ ہٹا دے
سیہ ہے مرا سارا اَعمال نامہ | اِلٰہی! سیاہی تُو اِس کی مٹا دے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حج جو سفر۽ اسلام جو مزاج

پيارا اسلامي ڀائرو! حج ٻين سمورين اسلامي عبادتن کان هڪ الڳ عبادت آهي. هن مقدس عبادت جي خاصيتن مان هڪ هيءَ آهي ته هن ۾ عشق جي اظهار جو غلبو آهي ۽ اهو ئي اسلام جو مزاج به آهي ته ٻانهي تي الله پاڪ جي محبت غالب رهي. ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

گزر جا عقل سے آگے کہ یہ نُور | چراغِ راہ ہے منزل نہیں ہے[2]

يعني عقل جي حدن کان گذري ڄڻهن ٻانهو عشق جي منزل تي پهچندو آهي، تڏهن هو اسلام، دين ۽ ايمان جي روح تائين پهچندو آهي ۽ اها ئي شيءِ آهي جيڪا اسان کي حج ۾ نظر ايندي آهي. توهان ڏسو!
❖ نماز تمام افضل عبادت آهي، آخرت ۾ نماز جو جيڪو ثواب ملندو اهو پنهنجي جاءِ تي، ان سان گڏ نماز جا طبي فائدا ۽ سائنسي حڪمتون به موجود آهن پر طواف ڪرڻ جي بظاهر ڪا سائنسي حڪمت سمجهه ۾ نٿي اچي
❖روزو عبادت آهي، ان جو ثواب به تمام گهڻو آهي، ان سان گڏوگڏ ان جا طبي ۽ سائنسي فائدا به بيشمار آهن پر جمرات جي رَمي (يعني شيطانن کي پٿريون هڻڻ) جي بظاهر ڪا حڪمت نظر نٿي اچي ❖ زڪوات ڏيڻ جا ڪيترائي معاشرتي فائدا موجود آهن پر ميدانِ عرفات ۾ ويهڻ جون سائنسي

[1]…وسائلِ فردوس، صفحہ:4-5 ملتقطًا۔
[2]…کلیات اقبال، بال جبریل، صفحہ:409۔

حڪمتون ڇا هونديون؟ بظاهر سمجهه ۾ ناهي ايندو، ڇوڻ جو مقصد اهو آهي تہ بين عبادتن ۾ آخرت جي فائدي سان گڏ سائنسي فائدا بہ موجود آهن، عقل بہ تقاضا ڪري ٿو تہ ❖ اسان کي وضو ڪرڻ گهرجي ❖ نماز پڙهڻ گهرجي ❖ زڪوات ڏيڻ گهرجي ❖روزو رکڻ گهرجي. ڪيترائي غير مسلم آهن جيڪي عبادت جي طور نہ پر علاج جي لاءِ وضو ڪندا آهن، ڪيترا ئي غير مسلم جيتوڻيڪ زڪوات ناهن ڏيندا پر غريبن کي مال ڏيندا آهن، ڪيترا ئي غير مسلم آهن جيڪي عبادت جي طور تي نہ پر علاج لاءِ ڊائٽنگ ڪندا آهن پر حج اها نرالي عبادت آهي جتي عقل جا تقاضا ختم ٿي ويندا آهن ۽ عشق جا تقاضا شروع ٿي ويندا آهن، حج سراپا عشق آهي ❖ وڏا وڏا مالدار ❖هزارين رپين جا ڪپڙا پائيندڙ❖ هيئر اسٽائل تي هزارين رپيا خرچ ڪندڙ ❖ بہ اڻ سبيون چادرون پائي ڪڏهن ڪعبي جو طواف ڪري رهيا آهن❖ ڪڏهن صفا ۽ مروه جا چڪر لڳائي رهيا آهن ❖ ڪڏهن ميدانِ عرفات ۾ ويندا آهن❖ڪڏهن شيطانن کي پٿريون هڻندا آهن ۽ ❖ آخر ۾ مٿو ڪوڙائيندا آهن هي ڇا آهي؟ هي عشق جو اظهار آهي، هي پنهنجي ربّ سان، پنهنجي خالق و مالڪ سان محبت جو اظهار آهي. حج تي وڃي ٻانهو پنهنجي عمل سان هن ڳالهہ جو اعلان ڪندو آهي تہ مان عقل جو پوڄاري ناهيان، مان پنهنجي ربّ جي، پنهنجي محبوب نبي صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر ڳالهہ کي ڪنهن بہ چون، چرا ڇوڻ بغير دل سان تَسليم ڪندڙ آهيان، ۽ اهو ئي اسلام جو مزاج آهي.

حڪمتون پنهنجي جاءِ تي پر اصل اسلام جو مزاج اهو ئي آهي تہ ٻانهو پنهنجون سوچون، پنهنجا عقلَ ۽ پنهنجن خواهشن کي مٿائي پنهنجي ربّ جي فرمان اڳيان مٿو جهڪائي ڇڏي.

اهڙي طرح هي بہ اسلام جي مزاج جو حصو آهي تہ اسلام اسان کي بزرگن سان وابستگي سيکاري ٿو. يعني ٻانهو پنهنجي بزرگن، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن، نبين ۽ ولين جو باادب رهي، سندن محبت پنهنجي دل ۾ ويهاري ۽ انهن سان پنهنجو روحاني تعلق مضبوط ڪري، هيءَ ڳالهہ بہ اسلام جي مزاج ۾ شامل آهي. توهان ڏسو! قرآنِ ڪريم جو پهريون ئي صفحو آهي، پهرين ئي سورت آهي، اسان روزانو نماز ۾ پڙهندا آهيون، الله پاڪ صراطِ مستقيم جي سڃاڻپ ٻڌائي، ارشاد ٿيو:

صِرَاطَ الَّذِیْنَ اَنْعَمْتَ عَلَیْهِمْ ۙ

ترجموڪنزُالعرفان: انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو.

(سيپارو: 1، الفاتحه: 6)

هن مان اندازو لڳايو تہ اسلام نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلڻ جو ڪيڏو نہ درس ڏئي ٿو، ايتري قدر جو صاف فرمائي ڇڏيو تہ سڌو رستو صرف اهو ئي آهي جيڪو نيڪ ماڻهن جو رستو آهي، جيڪو بزرگن جو رستو آهي، جيڪو نبين ۽ ولين جو رستو آهي، ان کان هٽي ڪري هلندڙ ڀٽڪي تہ سگهي ٿو پر هدايت نٿو ماڻي سگهي.

## ايمان جي سڀ کان مضبوط رَسي

حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کان هڪ سوال پڇيو، فرمايائون: اَیُّ عُرَی الْاِیْمَانِ اَوْثَقُ يعني اي منهنجا صحابہ! ٻڌايو! تہ ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي ڪهڙي آهي؟ هاڻي صحابۂ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق جواب ڏيڻ شروع ڪيا، ڪنهن عرض ڪيو: نماز. فرمايائون: نماز بهترين عبادت آهي پر منهنجي سوال جو

جواب هي ناهي. ڪنهن عرض ڪيو: روزو. فرمايائون: روزو بهترين عبادت آهي پر منهنجي سوال جو جواب هي ناهي. ڪنهن چيو: راهِ خدا ۾ جنگ ڪرڻ. فرمايائون: تمام اعليٰ عبادت آهي پر منهنجي سوال جو جواب هي ناهي. هاڻي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ئي فرمايو: اَوْثَقُ عُرَى الْاِيْمَانِ اَلْحُبُّ فِى الله يعني ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي الله پاڪ جي رضا لاءِ محبت ڪرڻ آهي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي اسلام جو مزاج...!! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن، نبين ۽ ولين سان محبت ڪرڻ ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي آهي.

خبر پئي: الله جي نيڪ ٻانهن جي محبت دل ۾ لاهي ڇڏڻ، انهن سان پنهنجو روحاني تعلق مضبوط کان مضبوط تر ڪندو وڃڻ، هي اسلام جو مزاج آهي ۽ حج اها عظيم عبادت آهي جيڪا شروع کان آخر تائين الله جي نيڪ ٻانهن جي ياد تي مشتمل آهي❖ ڪعبو شريف حضرت ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَام تعمير ڪيو، ان جو طواف ڪيو ويندو❖ حجرِ اسود حضرت آدمعَلَيْهِ السَّلَام جنت مان کڻي آيا هئا، ان کي چميو ويندو آهي❖ صفا مروه جي سعي ۾ حضرت هاجره رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جي ڊوڙڻ جي ياد آهي❖ منيٰ ۾ قرباني ڪئي ويندي آهي، هي حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قرباني جي ياد آهي❖ جمرات کي پٿريون هنيون وينديون آهن، هي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي ياد آهي مطلب ته الله جي نيڪ ٻانهن، نبين ۽ ولين جي مختلف يادگيرن کي ادا ڪرڻ جو نالو حج آهي.

---

[1]...مسند ابی داؤد طیالسی، البراء بن عازب، جلد:2، صفحہ:110، حدیث:783۔

## آيتِ ڪريمہ جو خلاصو

اسان بيان جي شروعات ۾ سيپارو: 1، سوره بقره، آيت: 125 جو ڪجهہ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمہ ۾ بہ هن ئي اسلامي مزاج ڪي ذڪر ڪيو ويو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَیْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًاؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّىؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان هن گهر ڪي ماڻهن جي اچڻ جو مرڪز ۽ امان بڻايو ۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهہ ڪي نماز جي جاءِ بڻايو.

(سيپارو: 1، البقرة: 125)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيتِ ڪريمہ ۾ 2 ڳالهيون بيان ٿيون آهن:

## (1): ڪعبي شريف جا فضائل

پهرين نمبر تي ڪعبي شريف جا فضائل بيان ٿيا ۽ ان جون 2 خاصيتون بيان ٿيون، (1): ڪعبو شريف ماڻهن لاءِ مَرجَع يعني موٽڻ جو مقام آهي. (2): ڪعبو شريف امن جي جاءِ آهي.

## ڪعبي شريف ڏانهن دليون مائل آهن

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيميرَحْمَةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا: ❖هن مقام تي سڄي جهان جا ماڻهو گڏ ٿيندا آهن❖جيڪو هڪ ڀيرو اتي اچي ويندو آهي، اهو بار بار اچڻ چاهيندو آهي، رستي جي مشڪلاتن جي پرواهہ ناهي ڪندو❖جيڪو دنياوي ڪمن ڪارن کان فارغ ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي آخري عمر ۾ قدم رکندو آهي تہ الله، الله ڪرڻ لاءِ ڪعبي شريف وڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي❖ اهي انبياءِ ڪرامعَلَيْهِمُ السَّلَام جن جي قومن تي عذاب آيو، اهي

پنهنجي قومن جي هلاڪت کان پوءِ عموماً اتي تشريف کڻي ايندا هئا ۽ آخر تائين اتي ئي تشريف فرما رهندا هئا ❖ هر جاءِ تان مسلمان هن طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن ❖ اهڙي طرح ڪو بہ مسلمان ڪٿي بہ فوت ٿئي، قبر ۾ ان جو منهن ڪعبي شريف جي طرف ئي ڪندا آهن. تنهنڪري معلوم ٿيو: ڪعبو شريف مَرجِعِ خَلَائِق (يعني عظيم زيارت جي جاءِ ۽ ماڻهن جي موٽڻ جو مقام) آهي.(1)

## اُٺَ طواف ڪيو

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جي خاصيتن مان هڪ خاصيت هيءَ بہ آهي تہ جڏهن کان ڪعبو شريف بڻايو ويو آهي، تڏهن کان اڄ تائين ڪڏهن بہ طواف ڪندڙن کان خالي ناهي رهيو، هر وقت انسان، جنّ يا ملائڪَ ان جو طواف ڪندا رهندا آهن. ايستائين جو حضرت عبدُالله بن زُبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت ۾ جڏهن حجّاج بِن يوسُف ڪعبي شريف تي حملو ڪيو، ان ڏينهن حرمِ پاڪ ۾ طواف واري جاءِ تي پٿر وسايا پئي ويا، ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ هئا، ڪوبہ انسان طواف ڪندي نظر نہ پئي آيو پر الله پاڪ جو شان ڏسو! ان وقت بہ هڪ اُٺ جهومندو ڪعبي شريف جي طواف ۾ مصروف هو.(2)

الله اڪبر! ڪعبي شريف جو ڪيڏو نہ نرالو شان آهي جو الله پاڪ ماڻهن جون دليون ان طرف مائل ڪري ڇڏيون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو پئسا خرچ ڪري، سفر جون مشڪلاتون ڪٽي هتي ايندا آهن ۽ طوافِ ڪعبہ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ ڪيترائي ويچارا اهي

---

1...تفسير نعيمی، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:125، جلد:1، صفحہ:708۔

2...شفا ءالغرام، الباب الثالث عشر فی الآيات المتعلقة بالكعبة، جلد:1، صفحہ:354 خلاصةً۔

آهن جيڪي حاضر ناهن تي سگهندا پر ڪعبي شريف کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ تڙپندا رهندا آهن.

بڑا جی پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آئے گا کب یاالٰہی!
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یاالٰہی![1]

## (2): ڪعبہ شريف امن جو مقام آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جي ٻي اهم خاصيت هيءَ آهي تہ الله پاڪ ڪعبي شريف ۽ ان جي آسپاس حرمِ پاڪ کي امن جو مقام بڻايو آهي. عالمَ سڳورا فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو ڪعبي شريف (يا حدودِ حرم) ۾ داخل ٿي وڃي، ان جي امن ۾ اچڻ جون مختلف صورتون آهن: (1): هڪ صورت تہ هيءَ آهي جو جيڪو خوش نصيب نيڪي جي نيت سان حج يا عمري وغيره لاءِ حرمِ پاڪ ۾ پهچي ويندو آهي، اهو قيامت جي ڏينهن عذاب کان امن ۾ رهندو.[2] حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو حرمِ پاڪ ۾ اچي ويندو آهي، ان کي نيڪيون ملنديون آهن، ان جون برايون دور ڪيون وينديون آهن ۽ ان کي بخشيو ويندو آهي.[3]

## باهہ بلڪل اثر نہ ڪيو

قاضِي عياض مالڪي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه شفا شريف ۾ لکن ٿا: هڪ پيرو سَعۡدُون خولاني وٽ ڪجهہ ماڻهو آيا ۽ ٻڌايو تہ فلاڻي قبيلي هڪ شخص کي قتل ڪيو، پوءِ ان جي لاش کي باهہ ڏني پر حيرت جي ڳالهہ هئي تہ رات جو دير تائين ان جو جسم باهہ ۾ رهيو، ان جي باوجود ان تي باهہ ڪوبہ اثر نہ ڪيو، ايتري تائين جو ان جو اڇو رنگ باهہ ۾ سڙڻ کان پوءِ بہ اهڙو جو اهڙو ئي

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:106۔
2...تفسير نعيمى ، پاره:1، سورۂ بقره، زير آيت:125، جلد:1، صفحہ:708و 709 خلاصۃً۔
3...ابن خزيمہ، كتاب المناسک، باب استحباب دخول الكعبة...الخ، صفحہ:681، صفحہ:3013۔

رهيو. سَعْدُون خولاني اها ڳالهه ٻڌي چيو: ان مرڻ واري شخص 3 حج ڪيا هوندا؟ ماڻهن ٻڌايو: ها! ان 3 حج ڪيا هئا. ان تي سعدون خولاني چيو: مونکي اها ڳالهه پهتي آهي تہ جيڪو ٻانهو هڪ حج ڪري، ان پنهنجو فرض ادا ڪيو، جنهن ٻيو حج ڪيو، ان اللہ جي بارگاهہ ۾ قرض پيش ڪيو ۽ جنهن 3 حج ڪيا اللہ پاڪ ان جي جسم ۽ جسم تي جمندڙ وارن کي جهنم تي حرام فرمائي ڇڏيندو آهي.[1]

میں مکّے میں پھر آ گیا یاالٰہی! | کرم کا ترے شکریہ یاالٰہی!
نہ کر ردّ کوئی التجا یاالٰہی! | ہو مقبول ہر اِک دُعا یاالٰہی![2]

## (2): مقامِ ابراهيم جا فضائل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** آيتِ ڪريمہ ۾ ٻي اهم ڳالهہ جنهن جو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي، اها آهي: مقامِ ابراهيم جي عظمت. اللہ پاڪ فرمايو:

وَ اتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهہ کي نماز جي جاءِ بڻايو. (سيپارو: 1، البقرة: 125)

بخاري و مسلم وغيره حديثِ پاڪ جي معتبر ڪتابن ۾ روايت آهي تہ آيتِ ڪريمہ جو هي حصو حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي موافقت ۾ نازل ٿيو.[3] جيئن تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ هڪ پاسي وٺي ويا، هڪ جاءِ تي

---

1…ڪتاب الشفا، الجز الثانی، الباب الرابع، فصل فیما یلزم من دخل…الخ، صفحہ:80۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:106۔

3… بخاری، کتاب التفسیر، باب قوله(وَاتَّخِذُوا مِنْ مَقَامِ إِبْرَاهِيمَ مُصَلًّى)، صفحہ:1112، حدیث:4483۔

وجي فرمايو: اي عمر! هي مقامِ ابراهيم آهي. مون عرض ڪيو: يا رسولَ اللهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اسان ان کي پنهنجو مصلّو يعني نماز جي جاءِ نہ بڻايون؟ فرمايائون: اجا ان جو حڪم ناهي آيو.

فرمائن ٿا تہ اجا شام نہ ٿي هئي تہ الله پاڪ هيءَ آيت نازل فرمائي ڇڏي ۽ فرمايو: مقامِ ابراهيم کي مصلّو بڻايو...!![1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اسلام جو مزاج...!! هتي پهريان تہ حضرت فاروقِ اعظمرَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شان و عظمت جو اندازو لڳايو! پاڻ پنهنجي هڪ راءِ پيش ڪئي، الله پاڪ سندن راءِ جي موافق قرآنِ ڪريم جي آيت نازل فرمائي ڇڏي.

هي صرف هڪ آيتِ ڪريمہ ناهي پر قرآنِ ڪريم جون ڪل 20 يا ان کان بہ وڌيڪ آيتون آهن جيڪي حضرت عمر فاروقِ اعظمرَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي راءِ جي مطابق نازل ٿيون، انهن کي ئي موافقاتِ عمررَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو ويندو آهي.

ملی تائیدِ خدا، تائیدِ حبیبِ خدا
دیا حق نے ان کا ساتھ ہے
پیکرِ صدق و صفا ان کے
جب بھی کچھ کہے حق تیرے ساتھ ہے

مل گئی تائیدِ اَصحابِ خَیرُ الوَریٰ
فاروقِ اعظم کی کیا بات ہے
حق میں رسول خدا کی دُعا
فاروقِ اعظم کی کیا بات ہے

## مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

---

[1]...تفسیر نسفی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیر آیت:125، جلد:1، صفحہ:128۔

وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان:۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهه کي نماز جي جاءِ بڻايو. (سيپارو: 1، البقرة: 125)

هي مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟ هي هڪ پٿر آهي. روايتن ۾ آهي تہ خانۂ ڪعبہ جي تعمير دوران جڏهن پٿرن مٿي کان اوچون ٿيڻ لڳيون تہ حضرت ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَام حضرت اسماعيلعَلَيْهِ السَّلَامکي اهڙو پٿر آڻڻ جو فرمايو جنهن تي بيهي تعميراتي ڪم ڪري سگهن. جيئن تہ پاڻعَلَيْهِ السَّلَام ويجهو ئي موجود دنيا جي پهرين جبل ابو قبيس ڏانهن تشريف کڻي ويا، رستي ۾ حضرت جبرائيلعَلَيْهِ السَّلَاممليا ۽ ابو قبيس ۾ موجود 2 مبارڪ پٿر ڏيکاريا. هي پٿر حضرت آدمعَلَيْهِ السَّلَامسان گڏ جنت مان دنيا ۾ آيا هئا، پر حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَامطوفانِ نوح جي خوف کان انهن کي ابو قبيس جبل ۾ لڪائي ڇڏيو هو. حضرت جبرائيلعَلَيْهِ السَّلَامهڪ پٿر خانۂ ڪعبہ ۾ لڳائڻ ۽ ٻئي پٿر تي بيهي تعميراتي ڪم ڪرڻ جو عرض ڪيو. جيئن تہ جنهن پٿر کي خانۂ ڪعبہ ۾ لڳايو ويو ان کي حجرِ اسود چيو ويندو آهي ۽ جنهن پٿر تي بيهي حضرت ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَامتعميراتي ڪم ڪيو ان کي مقامِ ابراهيم (يعني ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَامجي بيهڻ جي جاءِ) چيو ويندو آهي.[(1)]

❖ هي پٿر خانۂ ڪعبہ کان تقريباً سوا 13 (13.25) ميٽر پري اوڀر طرف جلوه فرما آهي. ان تي حضرت ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَامجي قدمن جا نشان اڃا تائين موجود آهن.❖ پٿر ۾ هر قدم جي ڊيگهه 22 سينٽي ميٽر ۽ ويڪر 11 سينٽي ميٽر آهي جڏهن تہ هڪ قدم جي گهرائي (اندريون حصو) 10 سينٽي ميٽر ۽ ٻئي جي 9 سينٽي ميٽر آهي.❖ 20 هين صدي عيسوي ۾ هن پٿر کي چاندي جي صندوق ۾ رکي مٿان هڪ گنبد جهڙو 18 مربع ميٽر جو ڪمرو بڻايو ويو

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:1، سورهٔ بقرة، زيرآيت:125، جلد:1، صفحہ:713۔

هوءِ پر چوتہ هي ڪمرو طواف ۾ رڪاوٽ بڻبو هو ان ڪري هاڻي ان جي جاءِ تي هڪ خاص شيشي جو ڪوپو تيار ڪيو ويو آهي. پٿر کي شاندار ڪرسٽل ۾ رکي آسپاس سونَ جي پاڻيءَ واري جاري لڳائي وئي. ٻاهر 10 ملي ميٽر اهڙو شيشو لڳايو ويو جيڪو ***Bullet Proof*** سان گڏوگڏ ***Heat Proof*** (گرمي کان محفوظ) بہ آهي.❖ خوش نصيب اڄ بہ هن مبارڪ پٿر جي زيارت ڪندا آهن.

## مبارڪ پٿر کي 3 ڀيرا سعادت ملي

ڪتابن ۾ لکيل آهي: حضرت ابراهيمعَلَيۡهِ السَّلَام 3 ڀيرا هن مبارڪ پٿر تي بيٺا هئا (1): هڪ ڀيرو جڏهن پاڻ پنهنجي صاحبزادي حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام سان ملڻ لاءِ ملڪِ شام کان مڪي پاڪ تشريف کڻي آيا، ان وقت حضرت اسماعيلعَلَيۡهِ السَّلَام گهر ۾ موجود نہ هئا، سندن گهرواري حضرت ابراهيمعَلَيۡهِ السَّلَام جو ادب ڪيو ۽ هڪ پٿر آڻي رکيو جنهن تي ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَامبيٺا.[1] (2): ٻيو ڀيرو جڏهن خانهءِ ڪعبہ تعمير فرمائي رهيا هئا، ديوارون جڏهن مٿي ٿي ويون تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَامان پٿر تي بيٺا، هن بابرڪت پٿر جو هيءُ شان هو جو جيئن ديوارون مٿي ٿينديون وينديون هيون پٿر بہ مٿي ٿيندو ويندو هو، پوءِ جڏهن ابراهيمعَلَيۡهِ السَّلَام کي هيٺ لهڻو هوندو هو تہ هي هيٺ ٿي ويندو هو (3): جڏهن حضرت ابراهيمعَلَيۡهِ السَّلَامڪعبي جي تعمير مڪمل فرمائي ورتي تہ ربّ ڪريم فرمايو: اي ابراهيم! ماڻهن ۾ حج جو اعلان ڪريو. پاڻ ان ئي پٿر تي بيهي اعلان فرمايو،[2]

روايتن ۾ آهي: هن اعلان کي قيامت تائين ايندڙن ٻڌو، جنهن جنهن لَبَّيۡڪ چيو، اهو حج جي سعادت ماڻيندو آهي، جنهن هڪ ڀيرو لَبيڪ

---

[1]...تفسير نظم الدر، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:125، جلد:1، صفحہ:239و240 خلاصتً۔

[2]...تفسير روح المعانى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:125، جلد:1، صفحہ:516 خلاصتً۔

چيو اهو هڪ حج ڪندو آهي، جنهن گهڻا ڀيرا لَبيڪ چيو اهو گهڻا حج ڪندو آهي.[1]

هو مجھ پہ کرم صدقے میں سُلطان دَنیٰ | دِکھلادے مناظر مجھے عرفات و مِنیٰ کے
کہتا تھا پھر اللہ مجھے حج پہ بلانا | اے عازِمِ طیبہ! میں طلبگار دعا ہوں

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو قبلو

حضرت عبدالله بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هن مبارڪ پٿر (يعني مقامِ ابراهيم) کي بطور قبلو ڪعبي شريف جي ويجهو رکيو هو، پاڻ ان ئي طرف رخ ڪري نماز ادا فرمائيندا هئا.[2]

## مقامِ ابراهيم جنتي پٿر آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلرُّكْنُ وَالْمَقَامُ مِنْ يَاقُوْتِ الْجَنَّةِ يعني حجرِ اسود ۽ مقامِ ابراهيم جنت جا ياقوت آهن. وَلَوْلَا مَا مَسَّهُمَا مِنْ خَطَايَا بَنِيْ آدَمَ لَاَضَاءَا مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ ۽ جيڪڏهن ڪين انسانن جون خطائون نہ لڳن ها تہ انهن جي روشني سان اوڀر ۽ اولهہ روشن ٿي وڃن ها.[3]

## مقامِ ابراهيم کي ڳلي لڳائي ورتو

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي تشريف وٺي آيا تہ الله پاڪ ساڻن گڏ 2 جنتي پٿر (حجرِ اسود ۽ مقامِ ابراهيم) بہ زمين تي لاٿا هئا. ان وقت هي پٿر نهايت

---

[1]… تفسير درمنثور، پاره:17، سورهٔ حج، زير آيت:24، جلد:6، صفحه:33۔

[2]… فضائلِ حجر اسود و مقام ابراہیم، صفحہ:181۔

[3]… سنن الکبرىٰ لامام بیہقی ، کتاب الحج، باب ما ورد فی الحجر الاسود والمقام، جلد:5، صفحہ:204، حدیث:9229۔

چمڪدار هئا، حضرت آدمعَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ڏسي سجاڳي ورتو ۽ ڪين پنهنجي سيني سان لڳائي اُنس (يعني پيار ۽ سڪون) حاصل فرمايو. (1)

## مقامِ ابراهيم قبوليت جو مقام آهي

امام حسن بصريرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مقامِ ابراهيم قبوليت جي مقامن مان هڪ مقام آهي، ان جي ويجهو جيڪا دعا گهري وڃي الله پاڪ قبول فرمائيندو آهي (2)

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا قبول ٿي

روايتن موجب حضرت آدمعَلَيْهِ السَّلَام جيڪا توبہ ڪئي هئي ۽ جيڪا بارگاهِ الاهي ۾ قبول ٿي، اها دعا پاڻ ان ئي جاءِ تي گهري هئي جتي هاڻي مقامِ ابراهيم آهي. الله فرمايو: يَا آدَمُ! اِنَّكَ دَعَوْتَنِيْ بِدُعَاءٍ اِسْتَجَبْتُ لَكَ فِيْهِ يعني اي آدم! توهان جيڪا دعا گهري آهي، مان ان کي قبول فرمايان ٿو. (3)

## مقامِ ابراهيم شفا ڏيندڙ آهي

حضرت عبدالله بن عباسرَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪيل هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: لَوْلَا مَا مَسَّهَا مِنْ اَهْلِ الشِّرْكِ مَا مَسَّهَا ذُوْعَاهَةٍ اِلَّا شَفَاهُ الله يعني جيڪڏهن مشرڪن هن مبارڪ پٿر (يعني مقامِ ابراهيم) کي هٿ نہ لڳايا هجن ها تہ جيڪو بہ مريض ان کي ڇُهي ها الله ان کي شفا عطا فرمائي ڇڏي ها. (4)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ پٿر جو شان ڏسو! ڇوڻ لاءِ هڪ پٿر آهي، هن دنيا ۾ پٿر تہ هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين موجود آهن پر

---

1…تفسير درمنثور، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:127، جلد:1، صفحہ:325 ملتقطًا۔

2…اخبار مکہ للفاکهی، ذکر المقام بمکۃ…الخ، جلد:2، صفحہ:291، رقم:1545۔

3…تاريخ ابن عساکر، رقم:578، آدم نبی اللہ يکنی ابا محمد ويقال ابو لبشر، جلد:7، صفحہ:428۔

4… اخبار مکہ للفاکهی،ذکر المقام وفضلہ، جلد:1، صفحہ:443، رقم:967۔

مقامِ ابراهيم اهو بابرڪت پٿر آهي، جنهن ڪي نبي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان نسبت ٿي وئي آهي، بس انهيءَ نسبت هن پٿر ڪي اهڙو عظيم بڻائي ڇڏيو آهي جو هي پٿر هوندي به شفا بخش به بڻجي ويو ۽ ان جي ويجهو دعائون به قبول ٿينديون آهن.

هاڻي هتان ئي غور ڪريو! جڏهن ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان نسبت رکندڙ پٿر شفا ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو، ان جي ويجهو دعائون قبول ٿينديون آهن ته ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي آقا، امامُ الْاَنبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکندڙ مديني جي مٽي چو نه خاڪِ شفا هوندي...!! جڏهن هڪ پٿر شفا ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو مشڪل ڪُشا ٿي سگهي ٿو ته امامُ الانبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا اشرفُ المخلوقات انسان، تمام نيڪ ٻانها يعني الله پاڪ جا ولي چو نه شفا ڏيندڙ بڻجندا، جڏهن هڪ پٿر ڪي ڇوهڻ سان شفا ملي سگهي ٿي، ته غوثِ پاڪ جي دم فرمائڻ سان، داتا حضور جي هٿ لڳائڻ سان، خواجه حضور جي ڪرم فرمائڻ سان ۽ اعليٰ حضرت جهڙن وليُ الله جي نگاهن سان چو نٿي شفا ملي سگهي، سندن قرب ۾، سندن مزارات جي ويجهو دعائون قبول چو نه ٿينديون؟ يقيناً شفا ڏيندڙ ذات الله پاڪ جي ئي آهي دعائون الله پاڪ ئي ٻڌندو ۽ قبول فرمائيندو آهي پر جيئن هي پٿر يعني مقامِ ابراهيم شفا جو ذريعو ۽ قبوليت جو وسيلو آهي، ائين ئي صحابهءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام ۽ سندن تبرڪات به شفا ملڻ، مشڪلاتون ٽرڻ ۽ دعائون قبول ٿيڻ جو وسيلو آهن، مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪندي لکن ٿا:

جن و اِنسان و ملک کو ہے بھروسا تیرا
سرورا مرجِع کل ہے درِ والا تیرا

اچھے اچھے ہیں ترے در کی گدائی کرتے
اُونچے اُونچوں میں بٹا کرتا ہے صدقہ تیرا

بھیک بے مانگے فقیروں کو جہاں ملتی ہو | دونوں عالم میں وہ دروازہ ہے کس کا تیرا[1]

وضاحت: اي مڪي مدني آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سمورن انسانن، جنن ۽ ملائڪن کي توهان تي ڀروسو آهي، توهان جو در سيني لاءِ موتڻ جي جاءِ آهي ۽ اميد آهي، دنيا ۾ وڏي وڏي مرتبي وارا ماڻهو توهان جي در جا سوالي آهن. توهان جو صدقو ئي جهان ۾ ورهايو پيو وڃي ۽ توهان جو در ته اهو در آهي جتي سوالِن کي بنا گهرڻ جي ملي وڃي ٿو. ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو در آهي جتان ڪان بنا گهرڻ جي ملي وڃي، نه، هرگز ناهي.

## مقامِ ابراهيم بهترين سجده گاهه آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ مقامِ ابراهيم کي مصلّو بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي. ان جو مطلب هي آهي ته نماز اهڙي جاءِ تي بيهي پڙهو! جتان مقامِ ابراهيم توهان جي ۽ ڪعبي شريف جي وچ ۾ رهي. حضرت عبدالله بن عَمرو رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: خَيْرُ الْمَسْجِدِ خَلْفَ الْمَقَامِ وَعَنْ يَمِيْنِ الْإِمَامِ يعني سجدو ڪرڻ لاءِ 2 جايون بهترين آهن: (1): مقامِ ابراهيم جي پٺيان واري جاءِ (2) امام جي ساڄي پاسي واري جاءِ.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هتي غور ڪريو! جنهن انداز تي الله پاڪ مقامِ ابراهيم کي مصلّو بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي، ڇا ڪو سوچي سگهي ٿو ته مقامِ ابراهيم سامهون هجي ۽ ٻانهو ان طرف رخ ڪري نماز پڙهي رهيو هجي ۽ ان جي دل ۾ ان جي نفرت به موجود هجي؟ نه...!! نه...!! هرگز نه! ٻانهو جڏهن به مقامِ ابراهيم طرف رخ ڪري نماز پڙهندو، يقينن ان جي دل ۾ هن مبارڪ پٿر جي تعظيم ئي هوندي.

---

1...ذوقِ نعت، صفحه:23-25 ملتقطًا۔

2... اخبار مکہ للفاکھی،ذکر الصلاة خلف المقام...الخ، جلد:1، صفحه:466، رقم:1027۔

هي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي تہ حالتِ نماز ۾ هڪ پٿر جي تعظيم دل ۾ موجود هجي تہ نماز ۾ ڪا ڪمي نٿي اچي بلڪ فرمايو ويو تہ سجدي جي بهترين جاءِ ئي اها آهي تہ ماڻهو نماز پڙهي رهيو هجي، مقامِ ابراهيم سامهون هجي ۽ پانهو رب جي حضور سجدو ڪري رهيو هجي. يعني حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان نسبت رکندڙ پٿر جي تعظيم دل ۾ هجي تہ نماز ناقص نہ بلڪ ڪامل ٿي ويندي آهي تہ غور ڪريو! جڏهن پٿر جي تعظيم جي هي برڪت آهي تہ اهو عظيم آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي حضور پٿر سلاميون پيش ڪندا هئا، جن جي تعظيم لاءِ ڪعبو جهڪندو هو، ان عظيم آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم دل ۾ هجي تہ پلا نماز ۾ ڪيئن خلل ايندو يقينن اها نماز تمام ڪامل هوندي جنهن ۾ الله جي عبادت سان گڏوگڏ تعظيمِ مصطفيٰ جو خيال بہ دل ۾ موجود هوندو آهي. ڪنهن عاشقِ رسول ڇا تہ خوب چيو آهي:

کیا کرم کیا تیری یاد نے، مجھے آ جگایا نماز میں
میرے وہ بھی سجدے ادا ہوئے، جو قضا ہوئے تھے نماز میں

وضاحت: يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! مان نماز لاءِ بيٺو تہ هئس پر دل تي غفلت طاري هئي، منهنجو جسم تہ نماز ۾ هو پر دل دنيا جي ڪمن ۾ مصروف هئي، پوءِ ڪرم ٿي ويو، حالتِ نماز ۾ توهان جي ياد اچي وئي، توهان جي ياد مونکي غفلت مان جاڳائي ڇڏيو، پوءِ اهڙا باڪمال سجدا ادا ٿيا جو جيڪي سجدا غفلت ۾ ٿيا هئا انهن جي ڪمي بہ پوري ٿي وئي...!!

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي اهڙي نماز جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جون راتيون جاڳي گذارڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مقامِ ابراهيم کي مصلّو بڻايون. الله پاڪ توفيق ڏئي، مڪي پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب فرمائي، ضرور ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ مقامِ ابراهيم جي پويان جاءِ ملي وڃي. گهٽو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان 2 رڪعتون ئي هتي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، طواف جا 3 نفل هوندا آهن، اهي ۽ ان کان علاوہ ڪا بہ نماز مقامِ ابراهيم جي پويان ادا ڪرڻ يعني هيئن بيهڻ جو مقام ابراهيم بانهي ۽ ڪعبي جي وچ ۾ اچي، هي مستحب آهي. اسان جا آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيترا ئي پيرا هن جاءِ تي بيهي نماز پڙهندا هئا. حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بابت اچي ٿو تہ پاڻ هن جاءِ تي بيهي سڄي رات نماز پڙهندا هئا ۽ روزانو هڪ ئي رڪعت ۾ سڄو قرآن تلاوت فرمائيندا هئا.[1]

الله پاڪ اسان کي بہ توفيق ڏئي. هڪ احتياط ضرور رکو تہ اڄ ڪلهہ طواف ۾ رش هوندي آهي، جيڪڏهن رش ۾ هتي بيهي نماز شروع ڪنداسين تہ طواف ڪندڙن کي بہ مشڪل ٿيندي ۽ پاڻ کي بہ تڪليف ٿي سگهي ٿي، اتان جا خادم بہ ڪڏهن ڪڏهن رڪاوٽ بڻجندا آهن. اهڙي صورت ٿي وڃي تہ مطاف جي دائري کان ٻاهر نڪري ڪري جتي عام طور تي نمازين جي لاءِ صفون وڇايل هونديون آهن، انهن صفن تي اهڙي جڳهہ نماز پڙهي وٺو جو مقامِ ابراهيم اوهان جي سامهون هجي. الله پاڪ اسان کي حج ۽ عمري جي هر سال سعادت نصيب فرمائي. اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...دین و دنیا کی انوکھی باتیں، صفحہ:22۔

## قرباني ڪليڪشن موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! علم دين جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپليڪيشن لانچ ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **قرباني ڪليڪشن**.(Qurbani Collection) ❖ توهان هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان عيدُ الاضحيٰ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت پنهنجي قرباني آن لائن بڪ (Online book) ڪري سگهو ٿا. ❖ قرباني کي شريعت و سنت موجب ادا ڪرڻ لاءِ دارُالافتاء اهلسنت جا فتاويٰ پڙهي سگهو ٿا ۽ دارُ الافتاء جي مفتيانِ ڪرام کان مشورو ڪري هن ڳالهه کي يقيني بڻائي سگهو ٿا ته توهان جي قرباني سنّت طريقي سان ٿيندي❖ قرباني جي موضوع تي اسلامي اسڪالرز جي لکيل ڪيئي معلوماتي ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهو ٿا ❖ هن ايپلي ڪيشن کي قرباني جي ادائيگي جي لاءِ گائيڊ طور استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ قرباني جي بنيادي تقاضن کي سکي سگهو ٿا جهڙوڪ: قرباني جي نيت، دعا، طريقو ۽ گهڻو ڪجهه سکي سگهو ٿا ❖ وڊيڪ مدني عالمن جا ويڊيوز ۽ آڊيو ڪلپس ٻڌي ڏسي سگهو ٿا ۽ قرباني جي بابت ميڊيا کي محفوظ ڪري سگهو ٿا. اوهان به پنهنجي موبائيل ۾ هي ايپ ضرور انسٽال ڪريو! ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

### درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: ڇا هڪ قرباني سڄي گهر وارن طرفان ڪافي آهي؟

**وضاحت:** هي هڪ غلط انداز ڪجهه هنڌن تي ڏنو ويو آهي ته ماڻهو عام

طور تي پنهنجي پنهنجي مال جو حساب ڪتاب ناهن ڪندا، جنهن سان اها خبر پئجي سگهي ته گهر ۾ ڪير ڪير صاحبِ نصاب آهي. پوءِ رڳو هڪ جانور وٺي سڄي خاندان جي طرفان هڪ ئي قرباني ڪئي ويندي آهي: هي طريقو بلڪل غلط آهي. ياد رکي ڇڏيو! قرباني هر صاحبِ نصاب تي الڳ سان واجب آهي. مثال طور: هڪ گهر ۾ 4 ڀائر آهن ۽ چارئي صاحبِ نصاب آهن، وري انهن چئني جون گهرواريون به صاحبِ نصاب آهن، ان سان گڏ ماءُ پيءُ به الڳ سان صاحبِ نصاب آهن، ته هاڻي ان هڪڙي ئي فيملي (خاندان) ۾ ڪل 10 فرد صاحبِ نصاب ٿي ويا. انهن سڀني تي الڳ الڳ قرباني واجب آهي، تنهنڪري ڪين 10 قربانيون ڪرڻيون پونديون. ❁ هاڻي چاهي اهي 10 ڇيلا وٺي قرباني ڪن ❁ يا وري ڪنهن وڏي جانور ۾ 10 حصا ملائين، پر ڪين ڏهه ئي قربانيون ڪرڻيون پونديون[1] هيءُ صرف هڪ مثال عرض ڪيو ويو آهي: گهر ۾ جيڪڏهن 4 ماڻهن تي قرباني واجب آهي ته 4 ڪرڻيون پونديون، جيڪڏهن 2 تي واجب آهي ته 2، ۽ جيڪڏهن رڳو هڪ تي واجب آهي ته هڪ قرباني ڪرڻي پوندي. عَلٰی هٰذَا الْقِیَاس (يعني هرڪو ان مطابق پنهنجي حال تي غور ڪري وٺي). الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]…فتاویٰ اہلسنت، غیر مطبوعہ، فتوی نمبر: Aqs-1861 خلاصۃً۔

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا مَالِكَ الْمُلْكِ (اي مُلڪَ جا مالڪ!)

جيڪو بہ يَا مَالِكَ الْمُلْكِ ڪثرت سان پڙهندو، اِنْ شَآءَالله! اهو خوشحال ٿي ويندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:257۔